
پاتال ۾ بغاوت
ماڻڪ

پاتال ۾ بغاوت

(A Revolt in the Under World)

(ناوليٽ)

ماڻڪ

ڪمپوزنگ : محمد امين پٽي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”پاتال ۾ بغات“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب ناميا ري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار **ماڻڪ** جو لکيل ناوليٽ آهي. هن ناوليٽ ۾ انساني زندگي جي اهم مسئلن کي ماڻڪ فلسفياتي سطح تي کنيو آهي، هن ناوليٽ ۾ اهم ڳالهه اها آهي ته مزاحمت هن ناول ۾ موجود آهي بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته ماڻڪ جي هر ادبي تخليق ۾ مزاحمت بنيادي جوهر آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو:

”ماڻڪ وٽ سسيفس جي ڏند ڪٿا جي اوت بي معنی نہ آهي، ”پاتال ۾ بغاوت“ ماڻڪ جي اُن جذبي جو پڙاڏو آهي، جنهن کي هن پنهنجي زندگيءَ جو حصو ڄاتو ۽ هڪڙي مؤثر ۽ علامتي انداز سان ظاهر ڪيو. سسيفس لاءِ ديوتا جي حڪم موجب ڳري پٿر کي مٿي نيڻ کان انڪار ڪرڻ موت کي سڏڻ جي برابر هو. هو هنيلائي ڏيکاري ٿو ۽ ڄاڻي ٿو تہ انڪار ڪرڻ زيوس ديوتا کي بي مانو ڪرڻ جي برابر ڄاتو ويندو. ”سسيفس پنهنجي هيٺي هستيءَ کي، جيڪا ڄڱن کان ٽڪل هئي، ٽاٽي ٽڙو ڪڙو ڪيو. آواز ۾ پنهنجي وير جو وڍيندڙ احساس اوتي چيو: پسر زيوس! منهنجو انڪار، انهيءَ روايتي انڪار کان نرالو آهي. هيءَ منهنجي بغاوت، پنهنجن وڏڙن کان نہ، پر اختياري سگهه جي خلاف آهي. مرڻي جي اَمرڻي خلاف. ڌرتيءَ سان دل رکندڙ جي، آڪاس خلاف. هيٺي جي سريشت خلاف.“ سسيفس کي سندس انڪار جي سزا طور پاتال ڌانهن نيو ويو. هو جڪڙيل هوندي بہ سوپارو ٿيو. پاتال ۾ سناٽو هو. ظلم جا پاڇا هئا، پر عزم جهڪو نہ هو. اِهوئي مقصد آهي ”پاتال ۾ بغاوت“ جو.

هي ناوليٽ پهريون دفعو 1977ع ۾ آگم پبلشنگ ايجنسي، حيدرآباد پاران ڇاپيو ويو ۽ ٻيهر 1992ع ۾ ٽي ناوليٽ جي نالي سان ڇپيل ڪتاب ۾ پڻ ڇپيو. سنڌ سلامت پاران ڪوشش ۾ آهيون تہ سنڌي ڪتابن جي ڪلاسڪ ڪليڪشن اوهان تائين پهچايون ۽ هي ڪتاب ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر محمد امين پنيءَ جا جنهن ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو .

سنڌ سلامت ساٿ سلامت

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

❖ سسيفس جي ناڪار

البرٽ ڪامؤ لکيو: ”ڏند ڪٿائن ڪي پنهنجي حياتي ڪانه ٿئي. اُهي اسان پاران ڪين وجود ڏيڻ لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن. جيڪڏهن ڪو سندن انهيءَ اوسيئڙي ڪي موٽ ڏيندو آهي تہ پوءِ موٽ ۾ هو ڀرپور انداز ۾ پنهنجي سگهہ بخشينديون آهن.“

ڪامؤ جي مٿئين بيان ڪي هوند مان هينءَ رکان: .... هو اسان پاران ڪين جو وجود ”مڙهڻ“ لاءِ اوسيئڙي ۾ هونديون آهن(1)

يوناني ڏند ڪٿائن جا پنهنجا انوکا ڪردار ۽ گڻ آهن. سياءَ ڪي ويجها ۽ اُونهي معنيٰ مان ٽب ٽار. يوناني ڏند ڪٿا جا ڪردار اڪارٿا-اِريشنل (Irrational) هوندي بہ ريشنل آهن. ان ڪري دائمي حيثيت رکندڙ عام رواجي ڏند ڪٿائن وانگر-يوناني مهاديو”زيوس“ خلقيندڙ بہ آهي. ٻاجهارو بہ. انڌي پوئواري ڪندڙن ڪي انعام ڏيندڙ بہ آهي. سڀ ڪان وڌيڪ سگهارو بہ. سگهہ ۽ فورس سندس ٻانها آهن. هو قهار، جبار، رحيم، ڪريم، مهربان، فنا ڪندڙ جوڙيندڙ......

سندس ڪو مٽ ڪونہ آهي. پر انهيءَ سان گڏ، عام رواجي ڏندڪٿائي سورهين (Heroes) جي ابتڙ سازشي، زاني، ڀهروپيو چٽو ڪامي، وير رکندڙ بغضي، ڪينو سانڍيندڙ ويسارو بدمعاش، لفنگو ۽ ڏچڙو بہ آهي. جيڪي گڻ-اوگڻ ڪيس انسان جي ويجهو آڻي- ڀرپور فطرت پسنديءَ ڪي اجاگر ڪن ٿا. جنهن مان جاڻ پوي ٿي تہ تہ يوناني ڏند ڪٿا، جيڪا پوءِ مڙني مذهبن، مافوق الفطري سرشتن جي تشڪيل جو سرچشمو بڻي ۽ جنهن منجهان رومن ڏند ڪٿا ڦٽي نڪتي، سا پوءِ جي ايندڙ مذهبن ڪان بہ وڌيڪ جاندار هئي. هن جي جاندار ڀرپور ۽ دائمي حيثيت رکندڙ ڪردارن ڪي هومر ۽ ورجل ڪان وٺي: فرائڊ، سارتر، ۽ ڪامؤ تائين، چونڊي پنهنجا دل گهريا وجود ڏنا. ميٿيو-آرنولڊ، رابرٽ برجن، ملٽن، وليم موريسس، شيليءَ، ورڊس ورٿ، شيڪسپيئر، ايليٽ، آندري گائيڊ، جيمس جوائس، اونيل، فارسٽر ۽ ٻين الائي ڪيترن يوناني ڏند ڪٿائي املهہ خزاني مان پنهنجي پنهنجي مراد آهر ڪردار چونڊيا، مٿن پنهنجو اِتساهي وجود مڙهيو. سندن اوسيئڙي ڪي موٽ ڏني.

---

(1) جهڙي ريت انسان جو پنهنجو پنهنجو وجود ڪونہ ٿئي. پر هو مڙهيل هٿ ٺوڪي سولائزيشن، سوشلائيزيشن-سبلائيميشن جي وجود ڪي ڍوئيدو رهي ٿو.)

هنن مڙني ۾ ڪاموءَ جو گڏ هن خيال کان اڳرو آهي ته هن: يوناني ڏند ڪٿائي خزاني جي ڍير مان هڪ اهڙي وساريل، پاتال ۾ پوريل ڪردار کي ڳولي ڪڍيو، جيڪو ديوتائن جو دائمي ڌتڪاريل ۽ نندڻيل هو. جنهن جي چرپر ۽ مشغولي (جيڪا ديوتائن پاران ئي مڙهيل) عام رواجي رڌل وهيٽن (Subjects) انسانن جي حياتيءَ ۽ انهيءَ ۾ مشغوليءَ سان بنهه ٺهڪندڙ آهي.

اهو نندڻيل، پٽيل، ڌتڪاريل ڪردار آهي: سسيفس

۽ اها مشغولي آهي: سسيفن – ٽاسڪ

هيءَ ديوس ڪردار ۽ سندس ائبسرڊٽي ٻين ليکڪن وٽ ورلي، يا نه جي حد تائين اڻ – ڇهيل. سسيفس: جنهن جي مشغولي، حياتيءَ جي رڌل هجڻ کي چرڪ پرائيندڙ چئلينج ڪري ٿي. (1) فڪري جڳ ۾ مارڪس، جنهن انتهائي سک درسيءَ (Optimism) جي آڌار تي انسان جي مستقبل جو عمارتي ڍانچو ڪڙو ڪيو، ڪاموءَ جي چرڪ پرائيندڙ ائبسرڊ پرولتاري خدا، سسيفس، انهيءَ کي هوڪاريو.

ڪنهن مفهوم واري سرگرمي ۽ ان جي ڪارج جي ميچنا: جنهن منجهان ڪجهه پراپرت ٿئي. ڪو: جبل تي چڙهي، چوٽيءَ تي رسي، وري لهي. چڙهي ۽ لهي..... پڳهر ۾ شل، سهڪو ورتل، پر انهيءَ پورهئي-مشغوليءَ مان مجيل ريشنل قدرن پٽاندڙ ڪجهه نه وري ته اها مشغولي ڪارج جي مفهوم ۾ اجائي ۽ ائبنارمل، ڪلڻ هاب ۽ چٽر لائق ليکي ويندي.

نيٺ زندگيءَ جي جبل تي چڙهڻ-لهڻ منجهه رڌل هجڻ منجهان ڇا پراپرت؟

جڏهن ته موت اٽل آهي.

ڪاموءَ ان جو جواب آپ گهات جي رٽ ۾ ڏنو.

---

(1) "The fundamental subject of the myth of Sisyphus is:
It is legitimate and necessary to wonder weathere life has meaning…"
(camus: Myth of Sisyphus)

سسيفس لاءِ ڪامؤ لکيو، خدائن منجهه پرولتاري، نستوءِ باغي، ائبسرڊ.(1)

ڪامؤ سسيفس تي جو وجود مڙهيو، سو سندس پيڙا، ڦتڪار ۽ پيڙا پري مشغوليءَ (سسيفسن تاسڪ) کي آڏو رکندي، جو ڪامؤ کي ڪينءَ به، پنهنجي مراد کي پورو ڪرڻ لاءِ پنهنجي آپ - گهات واري نظرئي لاءِ نوس پيڙهه وجهڻ واسطي، سسيفس جي رڌل هجڻ واري ڏِسَ (Angle) کي اوس اجاگر ڪرڻو هو هومر جي ابتڙ، جنهن سسيفس تي حرفتيءَ جو ليبل چنبڙائڻ سان، ڪيس مرٽن (Martaes) ۾ نهايت ڏاهو سياڻو ۽ ڏکهي نظر رکندڙ سڏيو. ڪامؤ هن ديومالائي سرويچ جي ائبسرڊتيءَ ۽ ان جي وڏيندڙ سجاڳ- احساس ۽ ان جي ايذاءَ کي نڪاري نروار ڪيو.

حياتيءَ جي چرپر ۾ ڦهليل ڪينواس تي- ائبسرڊتيءَ کي ذهن ۾ رکندي، سسيفس کي ڪامؤ جي بخشيل وجود سان سهت ٿيندي، مون هن ڏند ڪٿا کي زيوس سسيفس جي ناتي سان ڏٺو لکيو ۽ اجاگر ڪيو آهي.

هيٺي انڪاري سسيفس جي هوڏي سرڪشي. هڪ نستي ڏاهي جو مٿس مڙهيل امر کي مڃڻ کان نابري وارڻ. جيڪو پنهنجي هيٺائپ جو چٽو احساس ۽ سڌ رکي ٿو. جا.

ڪامؤ جي لفظن ۾ هن ائبسرڊ هيري جي سڀ کان وڏي ٽريجڊي آهي.

بين لفظن ۾ هڪ هيٺي انڪاريءَ جو ڇميل، مٿان سوار ٿيل اسٽيبلشمنٽ (Establishment) سان آڏو ٿيڻ وارو لاڳاپو.

هيٺو انحرافي سسيفس، سگهاري زيوس جي خلاف اڏول بيٺل، زيوس، مها خدا، پوري ڪائنات ۾ سگهارو. عظيم ۽ اعليٰ اختيار، سريشت (Sovereigh). سسيفس، بي وس ۽ نبل. پرسرڪش. هوڏي، انڪاري. جنهن ڪري ننديل، پٽيل، ڌڪاريل ۽ عتاب هيٺ آيل. پوءِ به ناڪار.

زيوس- سسيفس لاڳاپي سان هن ڏند ڪٿا ۾ پوري تاريخ جو تَتُ ۽ هر زماني جو روح (The Spirit of age_Zeitgeist) لڌا پائيندڙ. سريشت جو جوريل پاتال (under world) رياستي سرحدن جي اڏيل حدن اندر قائم ڪيل ايسٽيبلشمينٽ جون مختلف ٽپن هيٺ بيگار ڪيمپون. انهيءَ ۾ پوريل، جنبيل وهيٺي خلق (Subjects). وهيٺي خلق جي اڻ- ڪٽ مشغولي، اتم سگهه جي وڏائيءَ جي تسڪين ڪندڙ. انهيءَ ۾ نندنيل ۽ ڦتڪاريل اُهي، جيڪي انهيءَ مڙهيل مشغوليءَ جا انڪاري ۽ اتم سگهه جا انحرافي.

(1) "He is absurd as much through his passions a through his torture. His Scorn of gods, his natred of death, and his passion for life won him that unspeakable penalty in which the being is exerted toward accomplishing nothing." Ibid

سسيفس جي ناڪاري هڪ هيٺي، حساس، ايماندار فنڪار جو آدرش آهي.

نتشي(Will to power)، توڙي مارڪس (Occupation of state apparatus) جي ابتڙ، سسيفس جي ناڪاري، اختيار ماڻڻ لاءِ نہ، پر هر جڳ اندر، هر ويل موجود اختيار خلاف آهي. سندس سرڪشي اوسٿائي (Situational) آهي. دائمي ڪميٽيڊ نہ. جڏهن مٿس ڪجھ مڙهيو وڃي ٿو. هو ان کان انڪاري ٿيندي، نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ حالتن کي قبولي، منهن ڏئي ٿو. ارڏو ٿي بيهي ٿو. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي تہ اختيار بنجڻ سندس آدرش ڪونہ آهي. هو اختيار کان گهڻو متاثر ڪونہ آهي. هو ڪنهن مقرر ڪيل- ڪرايل مراد سان ڪميٽيڊ ڪونہ آهي پر نان- ڪميٽيڊ هوندي بہ ڪميٽيڊ آهي.

ايسوپس جي پچڻ تي ڪيس سڏي سنواتي نموني ٻڌائي ٿو تہ تنهنجي ڏيءُ ايجنا کي مهاديو زيوس پنيلائي پڄائي ويو آهي. اها سڏ رکندي تہ پاڻ اتم سگھ جو پول پڌرو ڪري رهيو آهي، جيڪو مها پاپ آهي. جنهن جي نهايت ڳري سيکت آهي. هن ديوتائن جي اڇا جي ابتڙ ڏرتيءَ سان دل لڳائي. ديوتائن جي حڪمن جي پيڪڙي ڪندي ڏرتيءَ سان چهٽيو رهيو. ايستائين، جيستائين، ديوتائن جي موڪليل ڪائنس وڏيڪ سگهاري ڪيس چوڪنيو ٻڌي پيهر پاتال ۾ اچي ڦٽو ڪيو. اختيار پاران مڙهيل مقدر جي- جوڪو ڪٽي پيڪڙي ڪندو رهيو. اها سرت رکندي تہ مڙهيندڙ نصيب واري اتم سگھ جي پيٽ ۾ پاڻ گهڻو هيٺو آهي. سندس ناڪار، ساٽس ڏاڍائيءَ، اُرهہ زورائيءَ ۽ هٺ چراند جي رد عمل ۾ آهي. ”پنهنجي پاڻ هجڻ“ جي هاڪاري ميجتا- سڃاڻپ (Affirmative Recognition) لاءِ نئين خدا خلقڻ يا پاڻ خدا ٿيڻ لاءِ نہ. هو پاتال ۾ بہ سزا پوڳيندي پاڻ مڃائي ٿو. هيڊز موت- گهر جي واريءَ کي چالاڪيءَ سان زنجيرن ۾ جڪڙيندي (پر هيٺو هجڻ ڪري وري بہ ڪيس سگهہ آڏو مجبور ٿيڻو پوي ٿو. جنگ جو سگهارو ديوتا ايرس، مهاديوتا زيوس جي فرمان تي سسيفس جي قيد ڪيل هيڊز کي آجو ڪرائي ٿو.) جڏهن تہ روايتي ناڪار، توڙ ۾ پنهنجي مراد (Aim) رکي ٿي، پاڻ خدا ٿيڻ، هڪ نئين اختيار، ايسٽيبلشمينٽ کي قائم ڪرڻ- بنجڻ. جنهن وسيلي پنهنجو پاڻ کي مڙهي سگهي.

ڪامؤ جو پرولتاري خدا، مارڪس جي پرولتاري خدا کان وڏيڪ بي عزتو ٿيل ۽ عقوبت هيٺ آيل آهي، جسماني پورهيي جي سزا ۾ جنبيل. انهيءَ سان گڏ هو پنهنجو پاڻ لاءِ انهيءَ پورهيي جي ائبسرڊتيءَ جو تکو احساس رکي ٿو. سڃاڳ ذهني پيڙا ۾ ورتل.(1) جيڪا ڪيفيت اڄ جي بي وس، سرڪش انڪاري مانسڪ (Intellectual)، فنڪار ۽ ليکڪ جي ئي ٿي سگهي ٿي. جيڪو سارتر

جي چواڻي معاشري کي احساس جرم بخشي ٿو.(2) جڏهن ته مارڪس جو پرولتاري خدا، سک درسي (Optimism) جي ڳوڙهي ۽ ڳتيل پرم هيٺ، ان پيڙا واري ڪيفيت کان آجوئي رهندڙ.

سسيفس ”اختيار“ جي احساس جرم کي ڏونڌاڙيو.(3) موت ۾ پاڻ ڏچي ۾ اچي ويو. جيڪو اوس ٿيڻو هو. (۽ آهي).

سسيفس جي هيٺي، پر اٿل ۽ ڪڏهن نه هار مڃيندڙ ناڪار، اڄ جي نہل مانسڪ جي، اختيار خلاف انڪار جي علامت کي پڌرو ڪري ٿي. اهو مانسڪ، جيڪو پنهنجي وويڪ سان ۽ انهيءَ ناتي، انسان جي عظمت سان سچو آهي.

سسيفس جي ناڪار، مٿان کان سونپيل يا سدا پابند (Committed) ڪانہ آهي. انهيءَ ڪري ڪامؤ جڏهن سسيفس کي رڳو ۽ رڳو ائبسرڊتيءَ جي ٻنڌڻ ۾ جڪڙي ٿو تڏهن نہ رڳو هو سسيفس سان ڏاڍائي ڪري سندس ماڻ کي هيٺ ڪري ٿو، سندس ملهہ ڪيريئي ٿو پر هڪ عام رواجي، روايتي مفڪر وانگر نئين قسم جي ڊٽرمنزم (Determinism) جي پرچار جو ڏوهہ ڪري ٿو.

سسيفس، ڪامؤ پاران مڙهيل وجود کان مٿانهون آهي گهڻو مٿانهون، ڇاڪاڻ تہ هو اختيار جو ننديل آهي ۽ ڦتڪاريل. سندس وڏائي انهيءَ ۾ آهي تہ هو سدائين، هرويل، اختيار کي چوي ٿو: نہ۔

جو ڪجهہ مٿس مڙهيو ويو آهي، اختيار پاران، جنهن وٽ سگهہ آهي. سسيفس ان کان ٿڏي ٿو. نابري واري ٿو. نہ، ۽ انهيءَ ”نہ“۔ جي حد کان ”پاڻ هجڻ“، جي اظهار جي سرحد شروع ٿئي ٿي. جنهن ۾ پنهنجي تقدير/چرپر جي چونڊ جو حق محفوظ رهي ٿو. چونڊ جو حق، جيڪو آزاديءَ جو تت آهي. تنهن ڪري الاهي فتوائن، مقدس احڪامن ۽ اختيارن جي امرن کي ٿڏڻ، سسيفس پنهنجي اخلاقي جوابداري سمجهي ٿو.

سندس ڪمٽمينٽ جو اهوئي انداز آهي.

---

(1) "If this myth is tragic, that is be cause hero is conscious" (camas)

(2) Writer gives society a guilty conscience. (Sartre).

(3) هيءَ پاڻ۔شاهدي ڏيندڙ سچائي آهي تہ هو اختيار پنهنجن ڪرتوتن ڪارڻ احساس جرم ۾ ورتل هوندو آهي.

زيوس طرفان مڙهيل سزا کي هن قبوليو. رضا خوشيءَ يا اخلاقي پابنديءَ هيٺ نہ. پر چاڪاڻ تہ هيٺو وهيٺو آهي. جنهن ڪري بي وس. ڪجھ نٿو ڪري سگهي. سواءِ حرفتن هلائڻ جي. جي سندس وس ۾ آهن. اهو ڄاڻندي بہ تہ زيوس ڪائنس ڪئين ڀيرا سگهارو آهي. مها خدا. سندس جاڪوڙ اجائي آهي. پوءِ بہ هو ان جاکوڙ ۾ جا وقتي سوڀ حاصل ڪري ٿو انحراف ڪري زيوس جي جميل خدائيءَ کي هوڪاري ٿو سندس کوکلاڻپ کي وائکو ڪري ٿو انهيءَ مان ماڻي ٿو.

نتشي جي ناڪار خدا جي موت کان شروع ٿي.(1) جڏهن نتشي الاهي خدا (Divine) کي ماري رهيو هو. تڏهن هن، ان جي جڳهہ والاريندڙ خدا- ساورين اسٽيٽ (Sovereign State) ۽ ان جي محرڪ سگهہ اسٽيبلشمينٽ کي چِڙواڳ چِڏي ڏنو. هٿائين ان کي مراد (2) ناهي ٽيڪ ڏني. نتشي جو نانسڪ، پنهنجي ناڪار سان، موت ۾ هاڪار سان وري هڪ خدا جوڙي ٿو! جنهن لاءِ وهيٺي خلق هجڻ لازم آهي. ساڳيوئي وهيٺاڻپ هڪ ڏوهہ ٿي مڃجي ٿي. سچ جو پاڻ مرادو بڻيل ٺيڪيدار ۽ ان ڪري انڌي پوئواري طلبيندڙ مارڪس جو انقلابي هڪ جڪڙيل نوڪدار تکين تارن سان واڙيل بهشت اڏي ٿو. جتي هنڌ، هنڌ تختيون ٽنگيل آهن:

”اڳتي چرڻ ڏوهہ آهي.“ هن جا حڪم ڪڏهن بہ غلط ٿي نٿا سگهن!“

سسيفس جو انڪاري ڪردار، نتشي جا ناڪاريءَ، مارڪس جي پابند،(3) هڪ رنگي نظام خلقيندڙ انقلابيءَ ۽ ڪامو جي انڌي فقرائي (Ascetic) باغيءَ کان گهڻو اڳتي وڌيل آهي.

مارڪس، نتشي ۽ ڪامو جي ناڪار انڪاري- هاڪار (Negative_Affirmation) آهي. ڪنهن طريقي سان رٽ ۽ نتيجي جي روپ ۾. سندس ناڪار جي پڇاڻي ٿئي ٿي: پاڻ- اختيار (خدا) ٽيڻ- بنجڻ يا پاڻ مارڻ (4) آڳيا وان ٽيڻ يا ناس ڪرڻ. اهي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ سرشتي اندر، آڳيا (Command) ۽ آڳياوان (Obedient) رڪن ٿا. سيڊو-ميسوڪيسٽڪ (Sado_ Masochistic) ناتا. جن ۾ وهيٺا انڌي پوئواري جي پيڙا پوڳيندي سرست ماڻين، ۽ مٿانها، پنهنجي سيڊزم منجهان. جنهن ڪري، هڪ اهڙو سرشتو جنهن منجهہ آڳيا ۽ آڳيا وانن جو آزاديءَ تان هٿ کنيل: پنهنجو پاڻ وڃايل.

"God is dead" (Nietzsche)

(1) "Will to power".
(2) (I) "Rebellion is a form of ascetism, though it is blind, therefore if the rebel plasphemes it is in the hope of finding a new god," (Rebel)
(II) "Every act of rebellion against oppression is justified in itstlf but insalls a new form of Servitube"
(3) Self-obnegtion.

جڏهن تہ سسيفس جي ناڪار جي نڪا حد آهي ۽ نہ ئي ڪا پڇاڙي. سندس ناڪار پاڻ اختيار/خدا/سيڊسٽ بنجڻ لاءِ نہ آهي. ۽ نڪو.ي هو ميسوڪيزٽڪ هجڻ قبولي ٿو. ۽ نہ ئي وري سندس ناڪار ستيا گرهيءَ (Passive Ressistance) آهي پر اختيار طرفان مڙهيل امر کي ناڪار آهي. هو اهو نٿو مڃي تہ ڪو مٿانهون، يا ڪا مٿين هستي سندس باري ۾ فتويٰ مڙهي، فيصلو ڪري، نصيب جوڙي. ۽ نہ ئي هو انهيءَ حيثيت ماٽڻ لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو تہ، پاڻ مٿاهين، مڙهيندڙ هستيءَ بڻجي. جيڪا ٻين جي مٿان فتوائون مڙهي ۽ نصيب ٽاڪي. سندس ناڪار، پنهنجي هستيءَ جي هاڪار لاءِ آهي. جيڪا هستيءَ وهيٽن منجهان هڪ آهي. هو ان لاءِ اختيار کي هوڪاري ٿو. پنهنجي هيٽاٽپ واري سرڪشيءَ سان. هنيلو بڻجي. اهائي سندس اتمنا آهي؛ هو اهو ٿيڻ نٿو چاهي، جيڪو زيوس چاهي ٿو.

(ان ڪري هڪ وهيٽي دانشور لاءِ آدرش)

هڪ هيٽي ناڪاريءَ جو آدرش؛ جيڪو وقت جي زيوس جي جوڙيل پاتال اندر واڙيل، مڙهيل مقدر پٽاندڙ جوٽيل ۽ وهندڙ هو ان کان انڪاري، راڄ ڊوهہ وادي، سندس آزادي، خودداري، وقار ۽ اتمتا جي مڃتا مٿس ٽاڪيل پيڙا ۽ انهيءَ جي چتي سجاڳ احساس منجهان اسري ٿي.

۽ جڏهن الاهي (Divine) خدائيءَ جي پڇاڙي ٿي. ان خدائيءَ جي جاءِ رياست ورتي، مختلف روپن جا ڪريٽوس (Kratas) خدا بڻجي اڀريا. جن نئين نئين روپن جي اسٽيبلشمينٽ کي پوڄي لڳائي پيش ڪيو. هنن انڪارين لاءِ پاتال (Hades) جوڙيو. جن ۾ وهيٽي خلق (Subjects) واڙيل، ايرسٽوڪريسيءَ کان ٿينڪوڪريسيءَ لوڪ راڄ (Republican Jails) جيلن اندر بارٽيڪريسيءَ تائين ڪيل ڏوهن جي ڊگهي قطار؛ اڻ ڪٿ، اڻ۔ مٽ ليڪ. آڪاس ندي جو رهزن رهبر بڻيل. قاتل، جج بڻيل. ڏوهي ديوتا بڻيل.

اڳ جڏهن خدا هو.

گوڏا جهڪايو ڪنڌ نمايو. ڳڻ ڳايو پڪو ويساهہ رکو. عظيم خدا جا امر اٽل آهن.

(انڌو ويساهہ+انڌي پوئواري)

انڪاري، ڏوهاري سڏبا. سيڪت لاءِ تيار رهو. ۽ اڄ جڏهن سرڪار/هاءِ ڪمان/ سينٽرل ڪاميٽي، ساورين/خدا آهي؛

گوڏا جهڪايو ڪنڌ نمايو..... مٿانهون هر امر اٽل آهي.

(انڌو ويساهہ+انڌي پوئواري) (1)

هر اسٽيبلشمينٽ جي رياستي پاليسي آئيڊيالاجي، گهريلو پالتو شهرين جي پرورش جو فن(2) پنهنجي اولمپيائي نٽ کي قائم رکڻ جو ناٽڪي رچاءُ، پارليامين، عوام، ڊيموڪريسي، ريپبلڪين گڏيل مفاد... پرچار جي پوڇي سان جنهن ڪري اسين سڀ ماس ميڊيا جا ٻڪيل.

چونڊون، وهيٽن کي پنهنجا مالڪ/خدا جي چونڊڻ جو حق بخشيل. هو پنهنجا نوان مالڪ چنڊي يا ساڳيا. وهيٽا سياويڪ طور اهو خيال رکندڙ ته، اهي چونڊجن، جيڪي کين ذليل ڪرڻ، ذهني ۽ جسماني طور لوٽڻ پوٽڻ ۾ انسان دوستي ڏيکارين. مالڪ جي چونڊ جي وقتي مجيل حق دؤران، سيڊسٽ ڳرا ٽڙيون پائيندڙ عزتِ نفس جون ڌڄيون اُڏائيندڙ همدرد بڻيل. چيچلايل جي اڻ وٽندڙ رنين رميسو چيئيسٽڪ جي ڪيڪڙاين ۽ سڌن کان پاڻ بچائڻ لاءِ هن جي پنن تي بينر اٽڪايل، تاريخ جوڙيندڙ طاقت جو سرچشمون. تخليق جو خدا. هر اول.(3)

ڪاسائيءَ جي چونڊ جو مجيل حق، جمهوريت جو روح. لٽ ۽ چٽ جي اصول تي عمل سان. ۽ انصاف: ڦريو بہ جهان کان دانهين بہ جهان خان وٽ!

نظريا، پروگرام، انگ اکر، اعلان، قاتلن کي جج ڪري پيش ڪرڻ لاءِ معقول، وزني دليل پيش ڪندڙ هر رياستي اڳواڻ عيسيٰ بڻيل. خدا جو آواز. پاپ کان آجو. مقدس.

عظيم، اعليٰ. ڪڏهن گناهہ ڪري نٿو سگهي. وهين، حڪم هيٺ آيل تليهرن (Subjects) جي پيٽ جي بک ۽ ان جي ضرورت جو احساس سرڪار سينٽرل ڪاميٽي/هاءِ ڪمان ڪندڙ. جيڪا ڪڏهن بہ غلط ٿي نٿي سگهي. هن جا نظريا، رٿون ۽ تبديليون هر پيري، سدائين هر ڪسوٽيءَ تي سچا بيهندڙ. دور رس اثر ڇڏيندڙ. جن جو پيٽ آهي، اُهي پنهنجي بک جو صحيح اندازو نٿا لڳائي سگهن. هو پنهنجن نفسياتي- جسماني گهرجن کي سمجهي، پروڙي ۽ محسوس ڪري نٿا سگهن.

۽ آئين، قائدا قانون، پالتو شهري پيدا ڪرڻ لاءِ جتن. پنهنجن ڌوهن کي ميٽڻ لاءِ نوان مقدس صحيفا. (ڪيل ڌوهن جا پيرا متائڻ ۾ نوان ڌوهہ).

هر رڪ تي آڏو ايندڙ اتمشاهيءَ جي مجتا/ پوئواري وهيٽن جو لکيل. بس، وهو وهندا رهو. جيئڻ امر ٿئي. اولمپيائي نٽ کي قائم رکڻ لاءِ.

---

(1) “No body can rule guiltlessy” (Saint-just)
(2) (Thremmatology)
(3) عوام جو راڄ، عوام طرفان، عوام لاءِ

۽ تبديلي؛ سوپارو، تاريخ / قدرت / وقت/ سچ جو آواز. هارايل، غدار، ڏوهاري!
اهو لکيل، ايستائين، جيستائين وهيڻا، وهيڻا آهن. هيڻا.

انهن وهيڻن ۾ سسيفس بہ آهي. هوڏي- انڪاري، جيڪو نہ، سيڊِسٽ ٿيڻ چاهي ٿو- نہ، ميسوچيئيسٽ ٿيڻ قبولي ٿو. پنهنجي سرڪش عمل سان پاتال ۾ ٻائيتال مچائي، پنهنجي سڄاڻپ کي، ائينٽيسٽيءَ کي واڪو چٽو ۽ ڊفائين ڪري ٿو. سسيفس هوڏي ناڪار هيٺي هوندي بہ پاڻ مڃائيندڙ آهي، ائينٽڪ. هو، نہ بل هوندي سرڪش آهي. هو پنهنجي ناڪار سان جتي وهيٺي خلق جي احساسِ جرم کي جاڳائي ٿو اتي اختيار جي احساسِ جرم کي ڏونڌاڙي ٿو. هو ڪميٽيڊ هوندي بہ نسان- ڪمٽيڊ آهي. اهائي سسفس وڏائي آهي.

پاتال ۾ بغاوت

(A Revolt in the under world)

[] ڌرتيءَ هيٺ، هيٺ کان هيٺ پاتال: ديوتائن جو ناهيل جهنم، موت-گهر. چوڏاري موت جا پاڇولا رڙهندڙ، چوڏس موت جو راڄ. موت-گهر جو والي هيڊز، نت مان ڳاٽ اوچو ڪيو گهمنڊ ۾ هٺ وچان ٽانءِ ۾ وڏائيءَ ۾ ڦونڊجي: بي وس، لاچار، چپ چاپ: ديوتائن جي ڦٽڪاريل، دائمي سزا ڀوڳيندڙن ڏانهن ڏسندڙ.

اڪسي يان: ٻڌل هڪ شاهي ڦيٿ سان، بنا ساهيءَ چوڌاري ڦرندڙ ان ڦيٿ ۾. سندس سرير تي ڏکهن، زهريلن ڀوائتن نانگن جا لڱندڙ چهبڪ زيپڪ ساڻ.

ڊينائڊيز: لڳاتار پاڻي ڪيڏندڙ پرڻ سان.

ٽين ٽالس: ڪاڌيءَ تائين پاڻي ڀريل تلاءَ ۾ بيٺل، اُڃ ۾ پاهه ٿيندڙ پاڻيءَ لاءِ ٻاتون ڪائيندڙ رس-ڀرئي ميوي جا وڻ سندس پر ۾ بيٺل، ڪاڏو سندس پهچ ۾، پوءِ به گرهه لاءِ واجهائيندڙ. مٿي جي بنهه مٿان، ٻُل ورتل ڳرو پٿر ٽنگيل- ڪِرڻ لاءِ سدائين تيار.

ٽٽي يس: بيٺل بنهه پاتال جي هيناهين پاڳي ۾. لڳاتار بي رحميءَ سان پٽيندڙ چنندڙ ڪرٽيندڙ ڳجهون سندس ڪاري جيري کي.

سسيفس: ڳري حيرت ۾ وجهندڙ پٿر کي، ٻنهي هٿن ۽ پيرن وسيلي، پوري سگهه سانجبل جي چوٽيءَ تائين ريڙهيندڙ ۽ ٻيا ڀاڀي.

جڳن کان اهو سلسلو هلندڙ.

ديوتائن جي ديوتا، مهاديو زيوس جي ڌمر هيٺ آيل ڌوهاري، سندس پاران مڙهيل سزا هيٺ پاتال ۾ دائمي ڀوڳنا ڀوڳيندڙ. مت-گهر جي راڄ-ڌڻي هيڊز جي چپن تي مرڪ. ڀوائتي، بي رحم مرڪ. نٽول جي زهر سان ڀريل.

جڳن کان اها ريت هلندڙ.

جو به مهاديو جي امر آڏو نه جهڪيو، ساڻس ڌوهي ڪيو، سندس ڳجهن کي ڦولهڻ وائکي ڪرڻ جي همت ڪئي، سو سندس ڌمر هيٺ آيو. جنهن ساڻس سيني ساهڻ لاءِ منهن مٿي ڪيو، سندس گهڙيل ۽ ڌريل مول متن جي پيچڪڙي ڪئي، سو پاپي ٿيو ۽ سندس چينپ هيٺ آيو. ڇاڪاڻ ته هو ديوتائن جو ديوتا آهي. هو مها آهي گاج گجگوڙ وجليون سندس ادويتي روپ آهن. سگهه، سڀرائي سندس چئيدان ٻانها آهن. هن هوڏين ۾ ٽنرن، ڪپاٽرن ۾ ڦريلن کي ڇيٽ ڏيڻ لاءِ هيٺ پاتال ۾ جهنم جوڙيو. جنهن جو والي ڏنات هيڊز کي ڪيو. جيڪو مايا جو ڌڻي به آهي. ۽ سندس ڪُکِ ڄائو آهي.

هڪ لڱا اوچتو ڇا ٿيو جو:

هيڊز جي چپن جي بي رحم مرڪ موڪلائي وئي. سندس اکين ۾ اچرج اوتجي آيو. پوري پاتال ۾ موت جون ڪنيڙاتيون ڦڙڪي اٿيون. هيڊز اها حالت سهي نہ سگهيو. سندس منهن ۾ گهنڊ پئجي ويو.

سسيفس، هيٺ ڪريل شاهي ڳري پٿر کي واري سان جبل جي چوٽيءَ تان چاڙهڻ بدران، پٿر جي مٿان ماٺ ڪيو ويٺو هو. پگهر ۾ شل، ڏبرو جڳن کان لڳاتار هڪ ئي پورهئي ڪرڻ ڪارڻ هيٺو ۽ ٿڪل۔ گهري اونهي ويچار ۾ ٻڏل.

ويساهہ ۾ نہ ايندڙ اهو لقاءُ ڏسي، هيڊز پنهنجي بت ٻٽيل بدن کي چوريو. اکين ۾ ڪاوڙ۽ ڏمر جا ڏنڀ پيري آواز ۾ ڪروڌ ۽ غضب جي باهہ اوتي گجيو.

”سسيفس“

سسيفس، ڌيرج ۽ سڪون سان، جڳن کان ٿڪل ٽٽل جسم کي چوريو. ڍرڪيل پر سو وشواس سان جرڪندڙ نگاهون کڻي ڏانهنس ڏٺو. سندس اکيون، نماڻيون هونديون بہ اونهي، گهري کوهہ اندر پاڻيءَ وانگر چمڪي رهيون هيون. جن مان سندس سياءُ جو جز ٻٽيل روايتي هوڏ ڀرندڙ تاندبن وانگيان بکي رهي هئي، هو خاموش هو. سانتيڪو ٿڪل ٽٽل، پوءِ بہ اڏول. سندس ويڪري ڇاتي ٽڪ ڪارڻ ٻڪي ساهہ کڻڻ ۽ ڪيڻ جي سرگرم سان ڇُري رهي هئي. ديوتائن پاران مڙهيل، نسقل ڳري پورهئي کيس هيٺو ضرور ڪري وڌو هو، پر سندس هوڏي شخصيت کي جهڪائي نہ سگهيو هو. سيني جي اپار۔ لهوار سان سندس هر ٿڪل ساهہ ۽ پگهر جي هر بوند ان جي گواهي ڏئي رهيا هئي.

ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ۾ ڀريل هيڊز جون اکيون وڏيڪ چنجهيون ٿي ويون. چپ ڦڙڪڻ لڳس. سڄي پاتال ۾ سناٽو وڏيڪ گهرو ٿي ويو. ديوتائن جي عتاب هيٺ آيل روح اندر ئي اندر ڇرڪ پيري ڪنبي ويا. ڇڻ نشو ٽٽي پيو هجين. سندن چڪنا چور جسمن ۾ سياٽو پئجي ويو ۽ ڪنبٽي لوهہ پائي ٻڪي وئي.

هيءَ ديوتائن جي امرن جي پيڪڙي هئي. بغاوت هئي.

سسيفس، گنڀير ۽ ڌيرج پرلاءَ ۾ چوڻ لڳو.

”ديوتائن جي ناهيل موت جي واديءَ جا والي هيڊز جاڻان ٿو زيوس ديوتا پاران مڙهيل سزا پٺاندڙ جبل تان هيٺ ڪري آيل پٿر کي وري نيم۔ سارو مٿي نيڻ کان نابري وارڻ مهاديوتا جي پروهت ورت جي پيڪڙي آهي. سمجهان ٿو هي هن جو ۽ تنهن جو پڻ ايمان آهي. ايمان، مان ڪري رهيو آهيان، سسيفس.“

نهنائيءَ ساڻ، پر اڪرن ۾ سگهه جي جيون- جوت اوتي پوري وشواس سان چوڻ لڳو:

”هيڊز، مان انڪار ڪيان ٿو هن ڪنن، مون لاءِ ڪجهه نه پراپرت ڪندڙ اسقل ۾ پيانڪ ڦيري اندر گهڙڻ ڪان- مان انڪار ڪيان ٿو.“

”ها، انڪار-“

هيڊز سندس اڏ ۾ چيو، ان ريت، ڇا تون پنهنجي انجام کان سڄاڻ آهين؟“

”ها-“

”منهنجي ناڪار جي ”نه“ بغاوت جي اوسر جي پهرين وڪ آهي. ”نه“ ياڪيءَ جو ڳرپ آهي، جنهن مان بغاوت جو ٻچو سرجي ٿو. انهيءَ کان پوري ريت سڄاڻ رهندي، انهيءَ جي انجام کان اڻ- ڄاڻ نه آهيان.“

ماٺ ٿي وئي، گهري ۽ ڳوڙهي ماٺ. جيڪا پوري موت- گهر مٿان بار ٻڌجي بيٺي.

”ڇا توکي ڄاڻ آهي ته تون ان ريت مهاديو زيوس جو اپمان ڪري رهيو آهين؟“

”ها“، پورو وشواس ۾ ڪرائي بکندڙ ”توکي سڌ آهي ته مان هيراڪ هنيلو آهيان. ڪرائي منهنجو سڀاءُ آهي. توکي هيءَ نه وسريو هوندو ته اڳ، گهڻو گهڻو اڳ مون هن ئي پاتال ۾ موت کي زنجيرن ۾ بند ڪيو هو ۽ تو زيوس وٽ دانهيو هو. هن جنگ جي ٻلوان ديوتا کي ڇوٽ ڇڏيو هو جنهن مون کي مڪتي ڏياري هئي. مون کان.“

هيڊز ڇرڪي ويو سندس منهن تي هٺ ۽ وڏائيءَ جي جاءِ تي، ڳڻتي ۽ اڻ-تڻ جا اهڃاڻ پڌرا ٿيا.

سسيفس، پوري وشواس سان ٻي الڪو ڳالهائي رهيو هو.

”توکي ياد هوندو هيڊز، جڏهن مان موت جي ويجهو هوس تڏهن مون پنهنجي ونيءَ جي پريم پرکيا لاءِ چيو هو ته: منهنجي اڻ پوريل لاش کي ڪليءَ بازار ۾ ڪوليو وڃي. هوءَ شرمسار ٿي رهي هئي، جو مون ديوتائن کي رنجايو هو. هوءَ ڪليءَ بازار ۾ لڄي ٿي رهي هئي، جو مان سندس مڙس، فاني هيس. ۽ ديوتائن جو ياڪي. هوءَ سوڳي هئي، انهيءَ ڪري نه، جو سندس مڙس موت گهر ڏانهن نيئي دائمي سزا ۾ جوتجي رهيو هو پر انهيءَ ڪري جو سندس مڙس فاني هو سندس انهيءَ دغا ۽ ويساهه گهاتيءَ مون کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. ڇاڪاڻ ته مون ڀانيو پئي ته سندس پيار، مرڻ انسانن جي پريم وانگر هوندو. انهيءَ ويساهه گهاتيءَ مون کي ڇيچلائي وڌو.“

هيڊز ڪيس گهوري، يڪ-ٽڪ ڏسي رهيو هو.

”ها پوءِ هيڊز، توکي ياد هوندو ته، مون توکان پنهنجي زال کي سيڪيت ڏيڻ واسطي، وري زمين ڏانهن موٽڻ جي اجازت گهري هئي.“

هو ٽپيءَ ۾ پئجي ويو. سوچ جون ريڪائون سندس لوساٽيل، پر ٽتل چهري تي نمايان اڀري بيٺيون. لڳي پيو ته سوچ ۽ ان پيڙا ڪيس اندر ئي اندر ڪاٽ هڻي رهي هئي.

هن چوڻ شروع ڪيو.

”۽ جڏهن مان ٻيهر ڌرتيءَ تي پهتس“، سندس آواز جي پڙلاءِ ۾ گهري، اونهي پيڙا جا اولڙا تڙپي رهيا ها. ”مون اتي سڀ ڪجهه ڏٺو. نياءُ۔ انياءُ. ڏک۔ سک. ڌرتي جيڪا دکن سان ڀريل هئي، پوءِ به ان ۾ موهه هو. چِڪ هئي، اهوئي ڪارڻ هو جو مون ڌرتيءَ کي ڇڏڻ نٿي چاهيو. ڇڪاڻ ته ڌرتي زندگي آهي ۽ زندگيءَ سان منهنجو موهه آهي. زندگيءَ سان لڳاءُ، انهيءَ ناتي ڌرتيءَ سان موهه، منهنجي ڪمزوري آهي.“

”مون ڌرتيءَ جي سيني مان چيرجي وهي هلندڙ منو پاڻي پيتو چمڪندڙ سج جي روشني پسي. اٿاهه گهرن ساگرن کي ڏٺو. جن جي هر وير وهڪ اڻ۔ مئي خوشي ڏيندڙ هئي. تڏهن، هيڏانهن آڪاش جي اونده ڏانهن ورڻ لاءِ منهنجو دل نٿي چيو ديوتائن مون کي سڏيو ياد ڏياريو ته توکي هيڏانهن ورڻو آهي. ڌمريا، ڌمڪيون دڙڪا ڏنا، پر اجايو. مون ڌرتيءَ جا مرڪ ۽ لڙڪ ڇڏڻ نٿي چاهيا. ڌرتيءَ جي سيني تي وهندڙ پاڻيءَ جي ٺڏاڻ، سج جي تپش ڇڏن نٿي چاهي، مون ڌرتيءَ جي مرٽي۔ ڇڏڻ نٿي چاهي، جيون......“

هو سوچ جي گهري اٿاهه ساگر اندر هليو ويو. ويچار۔ وهڪ جون لهرون سندس ڪليل پيشانيءَ تي اڀري آيون.

هيڊز جون ڪرڙيون اکيون وڏيڪ چنجهيون ٿي ويون.

ديوتائن جا ڦٽڪاريل پاپي، جي ازلي امر آڏو جهڪي مڙهيل سزا کي چپ چاپ پوڳي رهيا هئا، تن جو مثل روح ڪنبي ويو. ۽ هو اچرج ڀريل نگاهن سان وري، وري سرڪشيءَ جي مستيءَ ۾ ڏٻري هوڏي سسيفس ڏانهن ڏسڻ لڳا.

موت جي واديءَ ۾ سسيفس جو ڪومل، ويچار جي گهرائي سان ڀريل اثرائتو آواز ٽڙڪڻ لڳو:

”ها هيڊز، مون ڌرتيءَ تي گهڻو ڪجهه ۔ نه، پر سڀ ڪجهه ڏٺو. ڌرتي جيڪا مرڻ جي ماءُ آهي. حياتيءَ جي علامت، اتي مون سڀ ڪجهه ڏٺو.

”مون اتي ڏٺو: مرڻ انسانن خدا کي ماري، آدشڪتي سرشتي جي هر نيم کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. نه ۔ مرڻ جو اٽگس گڻ آهي. هو هينئر پاڻ ۔ ڏٽي آهن. ڌرتيءَ جا خدا. آدشڪتي سرشتي جا پاڻ

سرجڻهار پاڻ _ اپائيندڙ نہ _ سندن اهو گڻ آهي، جنهن جو ڪڏهن بہ انت ڪونہ ٿئي. نہ جي ڪا پڄاڻي ڪانہ آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هو دائمي ڊاهيندڙ_ اپائيندڙ آهن. اپائيندڙ_ ڊاهيندڙ ۽ خلقيندڙ تنهن ڪري سدا پوڳنا ۽ جهاڳ سندن سدا لکيو آهي.

”هيڊز چا تون ڄاڻين ٿو: ڌرتيءَ وارن کي انهيءَ سدا پوڳنا، پيڙا، لوچ، لوڏ پوڏ ۽ سوچ ڏني، بي چيني. نہ _ جي اڻ _ کٽ سلسلي وانگر اتي سوچ جي ڪا پڄاڻي ڪانہ آهي، اتان، ڌرتيءَ تان ان سوچ ۽ لوچ جو گڻ مونکي بہ مليو......“

”سسيفس!“

هيڊز رڙ ڪئي. سڄو پاتال گونجي اٿيو هيڊز شوريل اکين سان سسيفس ڏانهن سوال پريل نظرن سان ڏسڻ لڳو. جنهن ۾ سڌو سنئون حڪم هو: ڳري پٿر کي ديوتائن جي اِچا پٽاندڙ مٿي کڻي، وري ساڳي مشغوليءَ ۾ جنبي وڃي ٿو يا نہ

سسيفس خاموش ٿي ويو. سانتيڪو ٿمندڙ اکين سان هيڊز ڏانهن ڏسڻ لڳو.

ڪيترن ڪنن جي ساعت ڪانپوڙ، هيڊز تان اکيون هٽائيندي ارمان ۽ ڏک پريئي لهجي ۾ چوڻ لڳو:

ها هيڊز مان هيٺو هوس، ديوتا سگهارا. هنن جو فيصلو اٽل هو. جو هو سگهارا ها مان ديوتائن مان نہ آهيان_ ديوتا، جيڪي آڪاش سان پيار ڪن ٿا. منهنجو ڌرتيءَ سان انس آهي. منهنجو ڌرتيءَ سان لڳاءُ ديوتائن کي نہ آئڙيو. ديوتائن مونکي وري وري سڏيو. ياد ڏياريو. ڌمريا، سيڪت ڏيڻ جا دڙڪا ڏنا. چنيپيو: تنهنجو لکيو پاتال ۾ هيٺ، پٿر ۾ جبل آهي. اڄ _ ۽ اڇي جهاڳ.

”پر هيڊز منهنجي من نٿي چاهيو تہ مان ڌرتيءَ کي ڇڏيان. ڌرتيءَ جي ڌوڙ جي سڳنڌ، وهندڙ پاڻيءَ جي ٽڏاڻ، سج جي تپش، مون ڇڏڻ نٿي چاهي. ڌرتيءَ سان انس هر مرڻي جي ڪمزوري آهي. منهنجي بہ هئي.

”پر اوها وڏي ڏٽيءَ جو امر اٽل هو. منهنجي نٽ نٽاءَ ۾ گوٽنات تي هو ڏاڍو ڌمريو. سندس پيغمبر هومز ڌرتيءَ تي آيو. جنهن مونکي ڌرتيءَ کان زوريءَ ڌار ڪري، موت _ گهر اندر هيٺ پاتال ۾ ڌڪيو. اهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن......“

هيڊز جي چپن تي سرهائيءَ ۽ سوڀ جي انيوءَ وچان مرڪ ڦهلجي وئي.

ديوتائن جي مڙني ڦٽڪاريلن جون نظرون سسيفس ۾ کپي ويون. هو چپ هو. ماٺ، سندس هستيءَ کي ڄڻڪ جبل کان بہ وڏيڪ سگهارو بنائي ڇڏيو هو. هو اڏول هو ۽ ڪنور.

پر هيڊز جي مرڪ تبديلن کي ڇرڪائي وڌو.

سسيفس چوڻ شروع ڪيو. ننڍاڪڙي پر سرت پيريل پڙلاءَ ۾.

”جيون، جيئڻ تہ مرڻ لاءِ وقتي هئي، تنهنڪري نهايت قيمتي ۽ ڪمزوري پڻ. موت اٽل هو.

”تڏهن سوال اڀريو تہ: نہ_ جي لڳاتار سلسلي ۾ ڊاهہ ۽ ٺاهہ جو سلسلو وستار جي پرم ۾، ڪٿي پاڻ_ نڳڻ تہ نہ آهي.

”موت اٽل آهي.

”اتي مرڻ تي، پنهنجي حياتيءَ جي مشغولين جي ائبسرڊٽي پڌري ٿي: سڀ ڪجهہ اجايو.

”سڀ ڪجهہ اجايو

”پوءِ بہ مرڻي جيون سان ايڏو پيار ۽ اتساهہ پريو انس! سورن ۽ پوڳنائن سان موهہ!

”تنهن مونکي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو!

”اتي مون پڇو:

”نيٺ اسين جيون ڇو ٿا؟ جڏهن پڇاڙي اَوَس موت آهي!؟

” سسيفس_ تاسڪ جي پورائي لاءِ___

”ان مونکي چرڪائي وڌو

”۽ مون اُمالڪ هڪ نظر پنهنجو پاڻ تي وڌي: اچرج ۽ حيرت مان.

سوچ جو لُڇڻ جيئڻ تہ ڏرتيءَ مونکي بہ بخشيو هو، مان سوچيندو رهيس. ان بابت. جڏهن ڪان هومز مونکي زوريءَ ڏرتيءَ ڪان ڏار ڪري، هتي موت_ گهر ۾ ٻيهر ڦٽو ڪيو. ۽ مان هتي ڳري پٿر کي جبل جي چوٽيءَ تي چاڙهڻ جي ناڪام اجائي جاکوڙ ۾ جنبايو ويس، جو مان مها ديوتا زيوس جو ننديل هوس. ۽ اها منهنجي سزا هئي.

” هن ٿاڦيل، سخت ايذاءَ ۽ پيڙا واري مشغوليءَ بابت سوچيندو رهيس. جڳن جي لڳاتار پيڙا ۽ ناڪاميءَ جي اذيت منهنجي سوچ جا ڳڙڪڙا ڪولي ڇڏيا.

”نيٺ ڇو؟“

سوال جي بڙڇي ڪٽي هن مٿي نهاريو تہ هيبڊز گم هو. مڙني ڦٽڪاريل ۽ ديوتائن جي ننديلن جي منهن جا پنا لٿل ها، ۽ وجود ڪاراٽيل. پاتال ۾ سناٽو وڌيڪ گهرو ۽ هيبائتو ٿي ويو. سسيفس جي سڪل چپن تي مرڪ تري آئي. هن پڇڪيو: ”زيوس وٽ دانهين ويو آهي.“

۽ پوءِ هن چوڌاري نهار ڪئي:

اڪسي يان جي شاهي ڦيٿ تهائين تکي هلندڙ ڊيناڊيز پرڻ سان تيز تيز پاٽي ڪيندڙ. بکيو ۽ اڃيو ٽين ٽالس وڌيڪ ڦٽڪندڙ ۽ ٻاٽون ڪائيندڙ. سندس مٿان ٽنگيل، سدا ڪرڻ لاءِ تيار پٿر لُڏندڙ.

ٽئي يس جي جيري کي وڏيڪ بي رحميءَ سان ڇننڊڻ پٽيندڙ ڳجهون. سندس پير ۾ بيٺل سيلمونس ٻرٻڙ ڪندڙ.

۽ پوءِ هن پاتال جي هيبتناڪ اونده ۾ سانت کي چيريندڙ نظرن سان ڏٺو.

”مان پنهنجي منڍ ڏانهن موٽڻ چاهيان ٿو.

”جميل سگهه جي آڏو ٽيڻ منهنجي سياءَ جو انگ آهي.

”منهنجو انڪار انهيءَ اُتمتا خلاف آهي، جنهن سگهه جي آڏار تي مونکي نندڻ جو حق پاڻ وٽ رکي، مونکي ننديو ۽ پوائتي سزا مڙهي، پوءِ هن پوائتي سزا کي منهنجو مقدر بنايو.

”منهنجو هيءُ انڪار منهنجو سياءُ آهي. جنهن ۾ آءٌ هر پيري اتم سگهه پاران مڙهيل مقدر کي هوڪاريندو آهيان.....“

سسيفس پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳو:

”ها، مان ئي آهيان جنهن موت کي زنجيرن ۾ وڙو هو. جنهن ايسوپس کي سچ ٻڌايو ته تنهنجي من مهڻي سهڻي ڌيءَ ايجينا کي مها ديوتا زيوس پنيلائي پڄائي ويو آهي. اهو مان ئي آهيان جنهن ديوتائن جي ڪرتوتن کي وائڪو ڪيو. سندن ڏوهاري اصليت کي پڌرو ڪيو. مان ئي آهيان، جو موت جي واديءَ جي والي هيڊز سان سامهون ٿيس. مان: سسيفس، جنهن ديوتائن جي پروهت وِرت جي پيڪڙي ڪئي. سندن منشا جي ابتڙ ڌرتيءَ سان موه رکيو.

”مان ديوتائن جي دستورن کان انڪاري آهيان

”انڪار: منهنجو منڍ

”مونکي پنهنجي منڍ ڏانهن موٽڻ گهرجي.“

”مونکي پنهنجي منڍ ڏانهن موٽڻ گهرجي

”منهنجو منڍ: انڪار_“

سسيفس ڏٺو: مهاديوتا زيوس جو پيغمبر هرمز هيڊز سان گڏ بيٺو هو. پنهنجي روايتي تکائيءَ، چالاڪيءَ ۽ ابهرائيءَ وچان، هو حرفتي چال سان سسيفس کي گهوري ڏسي چوڻ لڳو:

”اَبو زيوس، جيڪو ساري وس جو ڌڻي آهي. جيڪو مينهن ۽ ڪڪرن جو رب آهي، جيڪو پوري سرشتي جو اُپائيندڙ ۽ پالڻهار آهي. سسيفس! تون انجي امرن کان وري ڦري رهيو آهين؟“

سسيفس جي سُڪل سرير ۾ تازي ساس پري جنبش آئي:

”ها_“

”ڇا تون نٿون ڄاڻين تہ زيوس جي سگهہ ڪائنات جي مڙني سگهن کان اُتم آهي. زيوس، جيڪو وڄ کان وڌيڪ تيز آهي.....“

”ڄاڻان ٿو.“ سسيفس، نهٺائيءَ پر وشواس سان وراڻيو.

”۽ زيوس، انهن کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪندو آهي، جيڪي سندس پروهت ورت ڀڃندا آهن. سندس، پروهت ورت اٽل هوندا آهن.“

”پر مون اُهي ڀڳا آهن.“ سسيفس ارڏائي مان وراڻيو.

”هرمز مون اُهي ڀڳا آهن.“

هو گھوڙهي ويچار ۾ ڇئجي ويو.

۽ پوءِ سندس ڳنڀير پڙلاءُ پاتال جي ڀتين سان ٽڪرائڻ لڳو:

”هرمز پڌ: جڏهن مان ڌرتيءَ تي ويس. ڌرتيءَ جي اڻ_ڪٽ لوچ مونکي سوچ ڏني. هرمز سوچ مرڻ جي هستيءَ جو نہ ڇڄندڙ ڀاڱو آهي. اتي مون ڏٺو:

”موت، هستيءَ جي منزل آهي. اٽل.

”پوءِ سوچ اٿي: نيٺ جيئون ڇو ٿا؟

”هن سوال جي جواب کي اتي هر ڄڻي، هر ڌر پنهنجي پنهنجي رنگ ۾ رنگي، پنهنجي جيئڻ جو سانگ پيدا ڪيو جو جيئڻ، اتي ڪمزوري آهي. يا هير _ پر جنهن ڳاله مونکي چرڪائي وڌو، اهو هو. جيون: سسيفس تاسڪ ڇو پورائو!

”ها، جيڪا مشغولي منهنجي مٿان ديوتائن مڙهي.

”جيون جي باري ۾ سوچ جي هن رخ مونکي سچ پچ دونڌاڙي، چرڪائي وڌو جنهن دونڌاڙي منهنجي سوچ جي تندن کي ڇڪي وڌو:

”نيٺ ديوتائن کي ڌرتيءَ لاءِ منهنجي سنڌ ۽ مان ڇو نہ ٿا وڻون؟

”مونکي، پاتال ۾ واڙي، جبل تي ڳري پٿر چاڙهڻ واري ناڪام جاکوڙ ۾ جنبڻ مان ڪين کٽو لاڀ؟

”نيٺ مان ديوتائن جو نندڻيل ڇو آهيان؟

”هرمز پنهنجي ”......“ ڦڙت جسم کي اتاوليءَ مان چوريو_ ڇڪ ڏيکاريندو هجي تہ ڪيس سسيفس جي انهن بيهودين ڳالهين سان ڪا دلچسپي ڪانہ آهي. هن اڻ_ وڻندڙ تکين نظرن سان سسيفس ڏانهن گهوريو. پوءِ، سسيفس جي جبل کي ڏٺو. هيٺ پيل ڳري پٿر کي ڏٺو. پوءِ وري سسيفس ڏانهن ڏٺو. سندس اها تکڙي خاموش نظرن جي چرپر وڏي معنيٰ واري هئي.

”نہ_“ سسيفس، اڏول جبل جيان سانتيڪي پڙلاءَ ۾، هرمز جي تڪڙي، خاموش چرپر جي جواب ۾ وراڻيو.

”نہ_“ هن ورجايو. ”مان انهيءَ مڙهيل مشغوليءَ ۾ جنبڻ کان انڪار ڪيان ٿو هومز ها، انڪار ڪيان ٿو.“

هرمز ڪرڙين اکين سان ڪيس ڏٺو. پوءِ چوڏاري نهار ڪئي: شوريل تکيون اکيون. مڪاري منهن مان ٽمندڙ:

اکسي يان کي ڏنائين، جنهن کي هن جڳ اڳ، ڦيٽ سان پڌو هو. ڊينبز ڏانهن ڏنائين.

موت_ گهر ۾ خاموشي، اندر ئي اندر سناٽي جي سيني اندر ٿرٿلو مچيل. سسيفس، انهيءَ کان بي پرواهہ اڏول بيٺل. ٻري پٿر جي پير ۾. جيڪو صدين کان سسيفس جي پوري سگهہ ڪارڻ چرپر ۾ هو. سو ڇڏڪ ويڳاڻو سسيفس جي هٿن، پيرن جي چرپر جي اوسيڙي ۾ پيل. هرمز، سسيفس ڏانهن منهن ڪري قطعي نبيري واري انداز ۾ چيو:

” سسيفس، پٿر ۽ جبل تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن.“

”مان انڪار ڪيان ٿو.“ سسيفس جو هوڏي آواز.

سانت

سانت جي سيني کي چيريندڙ سسيفس جو آواز:

”هرمز، مون هن پٿر ۽ جبل سان جڳن کان جهاڳيو آهي........

”جڏهن منهنجي ٻل واري لڳاتار پورهئي جي آڌار تي هي پٿر مٿي چڙهندو هو_ ۽ ڪرڻ لڳندو هو.

”مٿان کان هيٺ ڪرڻ وارين گهڙين جي وٿي، مون لاءِ اها ملهائتي وٿ هئي: جن ۾ مون پنهنجي پورهئي، پگهر، رت، سگهہ جي زور جو ڦل هيٺ ڪرڻ جي انتهائي پيڙا پرئي ڏيک ۾ ڏٺو. ڪيڏو ايذاءُ ڏيندڙ. صدين جي لڳاتار پيڙا، ناڪاميءَ جي ايذاءَ ۽ انتهائي ڪريل جُٺ، منهنجي سوچ جو ڳڙڪڙو کوليو. جنهن مونکي، منهنجي سرت ڏني.

”ها، جڏهن سوچ نہ هئي، انيو نہ هو تڏهن پيڙا بہ نہ هئي، منهنجي در گهٽنا تڏهن کان شروع ٿي، جڏهن مونکي منهنجي سرت ٿي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي انيو ڪيو. جڏهن منهنجي درگهٽنا منهنجي آڏو پڌري ٿي تہ ان مونکي ڇيڇاڙي وڌو، هن پاڻ_ سجاڳيءَ منهنجي هستيءَ ۾ مانڌاڻ مچائي ڏنو.

جبل تي مٿي ڏڪجندڙ پٿر، پٿر هيٺ ڪرندڙ چڙهندڙ_ چڙهندڙ ڪرندڙ_ زور_ هن هڪڙي ئي رينگٽ سچ پچ مونکي ڪڪ ڪري وڌو.

”مون سوچيو: واقعي ديوتائن منهنجي مٿان نهايت پوائتي سزا مڙهي آهي. نيٺ هن، هڪ ئي چڪر جي گهير ۾ گهلجندڙ سڪٽي، بيهودي مشغوليءَ جو ڪهڙو قل؟

”۽ ڪنهن لاءِ___؟

”ڏرتيءَ جي مليل سوچ منهنجي سونهين تي: هيءَ هڪ ئي رينگٽ واري بيهودي چرپر سگهي نہ آهي، ائبسرڊ نہ آهي: هن رينگٽ ۾ مونکي ملندڙ ايذاءُ ۾ جُٽ. ديوتائن اتمتا، وڏائيءَ ۾ پرڪاس جي احساس جي ترپتي ڪري ٿي. ها جيڪڏهن زيوس نہ هجي ها تہ پوءِ مون سان اهڙي جُٽ نہ ٿئي ها، هن سموري چرپر جي پيڙا ۾ انجي ناڪاميءَ مونکي سرت ڏني تہ:

”_جيڪڏهن مان ديوتائن منجهان هجان هان تہ مون سان اهڙي تعدي نہ ٿئي ها.

”_ مان نستو آهيان، ديوتا سگهارا. انهيءَ ڪري هو مون تي پنهنجي هر اِڇا مڙهي سگهن ٿا.

”_راڄ اوکنڊ سدائين سگهہ جي هٿ هيٺ رهيو آهي، جنهنڪري سندس هر امر پوتر آهي. جو اهو سگهاري جي اِڇا جو آواز آهي.

”منهنجي مٿان هن مڙهيل......“

هو چپ ٿي ويو.

هرمز جو آواز اُڀريو:

”تون هيڻو آهين ڪجهہ نٿو ڪري سگهين. ديوتا سگهارا آهن. سسيفس! پٿر ۽ جبل تنهنجي اوسيڙي ۾ آهن.“

”نہ_“ سسيفس رڙ ڪئي.

”مان انڪار ڪيان ٿو.“ ميريل هوڏيءَ جو پڙلاءُ.

”مان انڪار ڪيان ٿو.

”هيڻو آهيان: ڄاڻان ٿو. پر بغاوت هيڻن جي سياءَ جوئي انگ آهي. ڄاڪاڻ تہ هو هيڻا آهن، انهيءَ ڪري بي وس. بي وسيءَ جو ويندڙ انيو هيڻن ڪي بغاوت لاءِ اپاريندو آهي. اهو سياويڪ آهي، جو هو انهيءَ انحراف، انڪار ۾ بغاوت جي هير مان موج ماڻيندا آهن.......“

هو سڄو ٻاڙهو ٿي ويو. منهن ٽامڻي هڻي ويس.

ٽڙڪڻ لڳو:

”نہ_

هرمز لفظن تي زور ڏئي چيو: ”ديوتائن جو ديوتا، پوري ڪائنات جو ڏٽي ابو زيوس، انڪارين کي ڪڏهن نہ بخشيندو آهي، سسيفس.“

”اها ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ آهي.“ سسيفس بي پرواهيءَ مان وراڻيو.

۽ پوءِ پراڏي ۾ گونج اُٿي:

ديوتائن جو ديوتا: زيوس
تيجوان
سڀ کان وڏو
سڀ گڻ ڪيس جُڳائن
جيڪو سڀ کان سگهو.
۽ سڀرو آهي.
هو مها آهي.
گاج گجگوڙ وڄليون
سندس ادويتي روپ آهن
سگهہ سڀرائي
سندس چئيدان ٻانها آهن

هن ـــ
هوڏين ۽ نڙرن
ڪپاترن ۽ ياڪين لاءِ
هيٺ پاتال ۾
جهنم جوڙيو
اسانجو زيوس
خلقٽهار ـ پالڻهار
جنهن اسانکي هر سوکڙي ڏني
جيڪو:
پوري جڳ جو سنڀاليندڙ آهي

مڪتي ڏياريندڙ
جنهن ڪان سواءِ
هوند جڳ ۾ اونده انڌوڪار هجي
هوئي آهي
سنڀاليندڙ_ پاليندڙ
هن ڪان سواءِ ڀيو ڪير تي سگهي ٿو؟
جو هن سرشتي کي هلائي.

ابوزيوس

هوڏين_ نئرن
ڪپاترن ۽ پاڪين کي
ڪڏهن نہ بخشيندو آهي
ڪڏهن نہ____
هو مهان آهي.

سسيفس جي سُڪل چپن تي مرڪ ٻهڪي وئي. ۽ سندس پوري هستيءَ ۾ سرت _ پري ڏڪار، مرڪ ۽ ڏڪار جي هن سنگم سندس ڏڀري، پر هيئنلي وجود کي ڏيا ڏني ۽ وڏائي ۾ پري چڙيو. ڏيا ۽ وڏائي، سندس سرير تي هستيءَ جو انگ ٻٽيل.

اوچتو وچ جو چمڪاٽ ٿيو. ٽرٽلو متو. پوري ڪائنات ڏُڏِي وئي.

سسيفس کي ديوتائن جي دربار ڏانهن نيو پئي ويو.

۽ جڏهن، سسيفس کي ديوتائن جي اولمپيئن محل ۾، جيڪو جبل جي انتهائي چوٽيءَ تي اڏيل، آڪاس سان سينو ساهيندڙ هو آندو ويو. تڏهن هڪ ڀيرو اولمپس جي دٻدٻي ۽ حشمت کيس هيسائي وڌو. پر ستت ئي، هن پنهنجي حواسن جي لگام کي هوشياريءَ سان جهلي ورتو.

۽ جڏهن سندس سرت موٽي آئي تہ اولمپس جو اڊمبر سندس دل ڪچي ڪرڻ لڳو. ديوتائن جي ٺَٺَ جو وڇايل ڄار اُگرو لڳڻ لڳس. سندس من تهان وڏيڪ ڏِڪار سان ڀرجي ويو. وروڌ. پوري ٽِڪائيءَ سان سرير جي رڳن ۾ ڊڪون پائڻ لڳس.

سسيفس اولمپائي خدائن آڏو بينو هو: هيٺ، ڏيرو هنيلو ۾ اڏول. سرڪشيءَ جي مستيءَ ۾ جهومندڙ.

سندس پڙلاءُ گونجيو:

”جڏهن مدر ارٿ جي ڪُک مان ڄاولن منجهان هن پوري وَشَو ماندا ڻ تي ٽيٽانز جو راڄ هو، تڏهن، تن منجهان هڪ ڪرونس بغاوت ڪري، پيءُ کي ڦَٽَي ڪائنات جي سگهه تي قبضو ڪيو ۽ پوري جڳت جو ڏٽي بڻيو.

”ان کان پوءِ ٽيٽانز جي مهندار ڪرونس، جنهنجي پونئرن مان تون آهين، جنهن بغاوت ڪئي

”انڪار جو اهو سلسلو سياويڪ آهي.

”تو وڄلي، گاج گجگوڙ ڪڙڪي ۽ پون ڪنپ، جيڪي هر اسرندڙ سگهه جا هٿيار هوندا آهن، ڪتب آندا. ڏاهپ ۾ اڳ ويچار جي ڏٽيءَ پروميٿيس به، پنهنجن وڏڙن کان ۾ انهن جي سرشتي کان منهن موڙي تنهنجو ساٿ ڏنو.

”بغاوت جو هي سلسلو سياويڪ آهي.“

سسيفس پنهنجي هيٺي هستيءَ کي، جيڪا جڳن کان ٽڪل هئي، ٽاٽي تڙو ـ ڪڙو ڪيو. آواز ۾ پنهنجي جٽ جي ويرَ جو وڌيندڙ احساس اوتي چيو:

”پر، زيوس منهنجو انڪار انهيءَ روايتي انڪار کان نرالو آهي. هيءَ منهنجي بغاوت، پنهنجن وڏڙن کان نه، پر اختياريءَ سگهه خلاف اهي: مرٽي جي آ مرٽي خلاف. ڌرتيءَ سان دل رکندڙ جي، آڪاس خلاف، هيٺي جي سريشت خلاف.....“

زيوس جي نرڙ ۾ گنج پئجي ويا. منهن ٽامٽي هٽي ويس. سندس آواز ڪڙڪيو:

”ڇا تون پروميٿيس جي سزا کان اڻ ـ ڄاڻ آهين؟“

۽ پوءِ پڙاڏي ۾ گونج ٿي:

ابي زيوس جا ڇيدان ٻانها فورس ۽ وائلنس پروميٿيس کي ڇوڪنيو ڪوڪاڪس جبل تي نيئي ويا. جتي هنن کيس تکي ڇيندڙ ٽڪريءَ سان، مٿي پر ڇڪي ٻڌو، سخت الماسي زنجيرن ساڻ، جن کي ڪير به پڇي نٿي سگهيو.

۽ هنن کيس ٻڌايو:

تون سدائين اتي ڇٽبو رهندين

توکي انهيءَ اڻ _ سهي سور کان ڇڏائڻ وارو ڄائو ئي ڪونهِ آهي.
ديوتائن منجهان هڪ هوندي
توکي مهادوتا جي ڏمر جوپيئُ نهِ ٿيو
جو تو مرڻن کي اهو مان ڏنو
جن جا هو لائق نهِ ها _
۽ هاڻ:
تون هن سراڻ تي پيو گهرڙج
تنهنجي لاءِ نهِ ننڊ آهي نهِ آرام
۽ نڪوئي تنهنجي چرپر ۾ گهڙين جي ڪا مهلت
ڪُٺڪ ڪنجهار تنهنجي ٻولي آهي
رودن، دانهون تنهنجا لفظ آهن.

۽ پوءِ رت ۾ وهنتل عقاب آيو
بکيو ڇتو اڻ سڏيو مهمان ٻڄي
پروميٿيس جي سرير تي ٽٽي پيو
انکي چيري ڦاڙي
ڇيهاڙيون ڇيهاڙيون ڪري ڇڏيائين
۽ _ سندس ڪاري جيري کي ڇتو ٿي زمر سان پٽڻ _ چنڻ لڳو.

پوءِ هرمز کيس ٻڌايو:
مهاديوتا زيوس جي امر سان
تنهنجي انهيءَ پيڙا پري سڪرات جو
ڪو انت ڪونهِ آهي
ڪا پڄاڻي ڪانهِ آهي
ايستائين، جيستائين
آسماني خدا
توکي انهيءَ ايذاءَ کان آجو نٿا ڪن

اها پيڙا تنهنجو لکيو امر آهي.

”مان پروميٿيس جي مقدر کان سڃاڻ آهيان“. سسيفس چڙ مان هوڪاريو. جڻ ڪيس ڪنهن ڏنگي وڌو هجي. ”ها، مان هنجي لکئي کي ڄاڻان ٿو. هنجي پيڙا پري سڪرات جي پڄاڻي ٿي“

”۽ منهنجي پيڙا___

”جنهنجي ڪا پڄاڻي ڪانه آهي.“

هن وڏي واڪ چيو:

”زيوس، منهنجي سزا پروميٿيس کان وڌيڪ پوائتي آهي. جنهنجو ڪو انت ڪونه آهي. جا ايذاءَ ۾ پروميٿيس وانگر ظاهري وار ڪاندارينڊڙ ڪانه آهي. پر لڳاتار هڪ ئي قسم جي پورهئي ۾ ان ۾ پورهئي ڪندڙ لاءِ سکٽي، نسقل نتيجي ۾ ان سکٽين جو چيرينڊڙ احساس ۾ سرت، چند ڪنن جي مهلت اندر___ هن پورهئي جي ورود دوران...... پوءِ به ___ ساڳي سکٽي مشغولي، جنهن ۾ پوري وجود جي سگهه ۾ توانائي رڌل ۾___

”زيوس، جيڪڏهن منهنجي مٿان پروميٿيس واري سزا مڙهي وڃي ها ته مان ڀاڳ وارو هجان هان.....“

هو چپ ٿي ويو. زيوس جو تامڙي ٿيل منهن وڌيڪ پوائتو ٿي ويو. اولمپس جون ادمبر ۾ نٽ سان ٻگات اوچو ڪيل پٽيون، سِرڪي پيون. مڙني ويٺل ديوتائن جون اکيون زيوس ۾ ڪٽل ۾ سندس معنيٰ واري خاموشيءَ کي جاچيندڙ. سسيفس جي گنڀير سانت، اولمپس جي دٻدٻي ۾ حشمت کي هوڪارڻ لڳي.

نيٺ سانت جي چپ کي ٽُڪيندو سسيفس جي پڙلاءَ اوچي ٻگات ۾ نٽ واري اولمپائي ديوتائن جي محل کي ٽڪڻ لڳو:

”زيوس! هن ۾ مون ۾، جيڪي ٻئي ڏوهن جي خاني ۾ رکيا وياسين، اهوئي بنيادي فرق آهي: هو ياڪي هوندي به ديوتائن منجهان آهي ۾ مان: دائمي، سدا باغي، ديوتائن جي پيڙهيءَ مان نه. ڪڏهن به مهاديوتا بنجڻ جي اِڇا نه رکندڙ.

”۽ مان پاپي سڏيو ويس، جو مهاديوتا جو ڀُجهه وائکو ڪيم. جنهن تي ديوتائن مون تي ڏوهه مڙهيو ته مون ديوتائن جو ڀُجهه چوري ڪيو آهي!

پروميٿيس، اوهان ديوتائن منجهان هو. جنهن مرڻن کي سرڳ مان باهه چورائي ڏني کين ڪيتي سيکاري ۾ انهيءَ جي سکيا ڏني. پر مان ديوتائن منجهان نه آهيان، انهيءَ ڪارڻ پاتال ۾ دائمي ننديل

رهيس. اپالو آخرڪار پروميٿيس کي زنجيرن مان مڪتي ڏياري. تو ان جي اجازت ڏني. نيٺ ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ هو اوهان منجهان هو. هڪ ۾ مان.....

”۽ مان جيڪڏهن چوان تہ:

”زيوس ڪامي آهي, هن انجينا کي ڀنيلائي ڀڄائي ان جو سَت ٽوڙيو انهيءَ ڪري زيوس ڏوهي آهي.

”۽ جيڪڏهن مان چوان تہ: زيوس, مهاديوتا نہ پر مها پاپي آهي. هو وڏو ڀهروپيو آهي. هن روپ بدلائي پوري خلق کي ٺڳيو آهي. هن ڊينيا جو ست ٽوڙيو ليڊا ڀنيلايو ۽ ڪيترين ديوين منجهان پنهنجي ڪامي حرص جي باھ اُجهائي. هو وڏو سانگ رچائيندڙ آهي: هن ان ڀيٽ جو نالو ايجينا رکيو, جنهن ڀيٽ تي هن سندس ست ٽوڙي, پنهنجي شهوت پوري ڪئي. ۽ هن کي, مانواري ٺهرائڻ جو ڍونگ رچايو.

(۽ مون ڏرتيءَ تي بہ ڏٺو: ڀنيلجڻ, ڏتارجڻ ناريءَ جو مقدر بڻيل. ديوتائن جي حرصي گهرج پوري ڪندڙ مانوارو ٿيل. اهم نيم بڻيو).

”۽ مان جيڪڏهن چوان تہ زيوس وڏو ٺڳ ۽ انياءَ ڪندڙ رهزن, مها پاپي.....“

”سسيفس!“

زيوس ڌمرجي, ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ۾ ڪنوڻ بڻجي گجيو.

سسيفس سانتيڪو ۽ نهٺو. هن زيوس جي گرج کان بي پرواھ پنهنجي وچ ۾ ٽٽل سلسلي کي جاري رکيو:

”ها زيوس, مان توکي مها پاپي ۽ مڪار چئي سگهان ٿو. پر نہ ___ تو بابت منهنجي انهيءَ چئي کي ٻلو تائي مله ڪونہ آهي. نہ ملي سگهي ٿو. جو مان هيٺو آهيان, وهيٺو. سگهہ جو هر ڪرتوت جائز آهي. ۽ پوتر پڻ, جو انهيءَ کي فورس جي آڌار تي سپرماڻ آهي

”سچ, سگهہ جو گولو آهي.“

هو چپ ٿي ويو ۽ ملول. ملولائي سندس پوري هستيءَ کي ويچارو بڻائي ڇڏيو ۽ سندس هنيلائپ کي ڇپيائي ڇڏيو. ويٺل مڙني ديوتائن جون نگاهون زيوس تي ڄميل هيون. هن اوسيڙي ۾ تہ: هو سسيفس لاءِ اجان بہ ڪهڙي وڏيڪ ڀوائتي سزا پڌري ڪري ٿو. هومز زيوس جي حڪم جي اوسيڙي ۾ سجاڳ ۽ انهيءَ جي پورائي لاءِ تڙو ڪڙو ۽ هوشيار ٻيٺل.

زيوس ڪنهن گهري ويچار ۾ ٻڏل هو. سندس انهيءَ ويچار کي ديوتا هيءَ معنيٰ اوڍي رهيا ها ته، هو، هن سدا هوڏيءَ لوئي، ديوتائن جي انڪاريءَ ۾ هنن جي پوتر اڃا خلاف هلندڙ ياڪيءَ کي اڃا به وڏيڪ سيڪت ڏيڻ لاءِ فرمان جاري ڪندو.

وري به انهيءَ سانت کي، سسيفس جي ملول پڙلاءَ ٻڳو:

”ها، سگهه. سچ آهي. مون ڌرتيءَ تي ٻڌو: سچ وڏي سگهه آهي. ڌرتيءَ وارا ويچارا مرٽا، ”نه“ _ جي اٽگس گڻ هوندي به پرتڪش پرماڻن سان سچائيءَ جي ماپ ڪندا آهن. تن کان ديوتائن هيءَ سُرجيت لڪائي ته: سرشتي جي رفتار ۾، سگهه وڏو سچ آهي. جيتوڻيڪ اها سرت به مونکي، اتي ڌرتيءَ تي ئي لڌي. جو مون ڏٺو ته، ڌرتيءَ جا ڀلامانس، سچ جي نالي ڪنهن شي پٺيان سرگردان آهن. ۽ مان به انجو ڳولائو ٿي پيس. پر ڇا پاتم؟ ته: اها ڳولا پرم کان سواءِ ڪجهه به نه آهي، جي سچ جي نالي ڪا شي آهي ته، اها سگهه آهي. ڌرتيءَ وارا، جيڪي سدائين پنهنجي ئي هٺرادو جوڙيل سچائين جا ماريل آهن._

”چيو ويو. روشني سچ آهي. سوجهرو سچ آهي. سونهن سوڀيا سچ آهي. ڪويتا سچ آهي. سوڀياس سچ آهي. موسيقي سچ آهي. وڪتا سچ آهي. امن ۾ آشتي سچ آهي ۽ انهن گڻن جو ديوتا اپالو آهي. جيڪو ڪڏهن ڪوڙ نٿو ڳالهائي. سچا ٻول سندس سياءَ جو اڻ ڇڄندڙ ڀاڱو آهن. اپالو جيڪو ڇتائيندڙ هٿ _ سچو ڪندڙ آهي.

”پوءِ به زيوس جي هٿ _ هيٺ آهي. سندس ٻانهون. ڇا اهو ڪوڙ آهي؟

” ڇا هيءَ ڪوڙ آهي ته زيوس، جيڪو سگهارو آهي، فورس ۽ وائلنس جنهن جا ٻانها آهن، اڳ _ ويچار جي ڏاهپ جو ڏٽي سندس درٻاري آهي، تنهن سچ جي ديوتا اپالو کي، ايڊميٽس جو گولو بنائي ڌرتيءَ تي ڌڪي ڇڏيو هو.

”۽ مون ڌرتيءَ تي ڏٺو: سچ کي، سگهه هيٺيان ڇيڀاڃندو. ۽ اتي مون ڏٺو سونهن ۽ سوڀيا کي، ڏاهپ ۽ ڪويتا کي، سوڀيا رس ۽ رس گيا کي، وڪتا ۽ سوجهري کي ۽ پوري سچائيءَ کي سگهه هيٺيان ڇيڇلائجندو. سگهه: جيڪا راڄ آوڪد جي سريشت وٽ هوندي آهي.

”هتي مون کي پنهنجي ماٿيل ڀاءُ سليمونس جي دکياري موت وارو ڏيک ياد ٿو اچي. جنهن کي تو جڳت _ راجا سڏائڻ تي، گجگوڙ وجليءَ سان اُڦٽ ماري ڇڏيو هو. هو هيٺو هو. هن پاڻ کي ديوتا سڏايو ته هن کي چريو سڏيو ويو ڇاڪاڻ ته وٽس سگهه ڪانه هئي، هر ديوتا لاءِ سگهه لازمي آهي، ڏاهپ

۽ اڳ ويچار جو ساٿ ڪونہ هو. تنهن ڪري وتس ڇوهہ ۾ ٻل بہ ڪونہ هو. تو هن کي ماري ڇڏيو. ڏاهپ ۾ سگهہ ڪانسواءِ، وائلنس بيڪار آهي ۽ بغاوت هڪ چرئي جو ناٽڪ.“

زيوس، ڪروڌ وچان ٻاهہ ٿي پاسو بدلايو. سسيفس، پنهنجي ئي ڌُن ۾ مگن ڳالهائي رهيو هو:

”مون کي اهڙي ڪل نہ رهڳو هتي، ڳري پٿر جي ڪرڻ وارين ايذاءُ ڏيندڙ گهڙين جي وٿيءَ ۾ سوچيندي پئي، پر مون ڌرتيءَ تي بہ ائين ڏٺو ۽ تو زيوس، مون کي نندي، ڌڪاري، دائمي ڀوڳنا ۾ وڌو، جو مان هيٺو هوس. هن مهل تائين مون جيڪا پيڙا ڀوڳي آهي، ڌرتيءَ ۽ آڪاش تي ڌڪا کاڌا اٿم، تنهن سموري مشغوليءَ جي اهائي پاڇي ڪڍي اٿم تہ: اها سچائي پوري ڪائنات ۾ آهي: سچ، سگهہ جو گولو آهي. هرهنڌ جتي بہ آسماني خدائن جو پاڇو آهي، اتي سچ، سگهہ جو گولو آهي. ۽ ڌرتيءَ وارن منجهہ بہ، جيڪي سگهارا آهن، سي سريشت ها. جيترا هو سگهارا، اوترا ئي وت آهر پنهنجن وهيٽن مٿان پدم. هر سگهارو، پاڻ کان هيٺي مٿان، پاپيءَ جي چتي لڳائي، سزا مڙهي، پنهنجي اُتمتا ۽ وڏائيءَ جي احساس جي ترپتي ڪري ٿو. ائين جيئن تو منهنجي مٿان.....

”سسيفس!“ هرمز رڙ ڪئي.

سسيفس، هرمز جي انهيءَ رڙ کان بي سُڌ ٻڌجي چوندو رهيو:

”ها، زيوس! منهنجي مٿان هي مڙهيل هڪ ئي رينگٽ واري بيهودي چرپر سڪٽي ڪانہ آهي، هيءَ چرپر، جنهن ۾ هڪ هيٺي سان انتهائي ڪريل جُٽ ڪري، مٿس انتهائي دهشتناڪ سزا مڙهي ويئي آهي، سا تنهن جي اُتمتا جي برپتيءَ جي مطلب کي پورو ڪري ٿي. هيءَ منهنجي لاءِ سڪرِ آهي. پر اهو اهم نہ آهي، جو مان هيٺو آهيان ۽ تنهنجن ٻلوان جي هٿن ۾ ڪينهوڙو.

”منهنجي دربلتا، منهنجي بي وسيءَ جو ڪارڻ ٻٽي ۽ مون کان اهو اختيار کسيو تہ مان پنهنجي اِڇا پٽاندڙ پنهنجي واٽ اختيار ڪيان. تنو ڪري سگهان جو هيٺو آهيان.

”تہ ڇا مان پنهنجي هستيءَ کي، جيڪا ”آهي“. ڀوءِ ڀل هيٺي ئي سهي، هڪ اٽي جي روپ ۾، تنهنجي سرشتي اندر سمائي ناس ڪري ڇڏيان؟

”نہ _ مون اهو نہ قبوليو آهي. منهنجي انهيءَ ناڪار جي ابتدا سان منهنجي درگهٽنا شروع ٿي. ۽ انهيءَ درگهٽنا جو وڌيندڙ ڇليندڙ احساس، انهيءَ سرت کان، جڏهن کان مون پنهن جو پاڻ کي آنيو ڪيو ۽ جڏهن کان اها درگهٽنا منهنجي آڏو پڌري ٿي. جبل تي مٿي منهنجي پوري سگهہ سان ڌڪجندڙ پٿر. پٿر هيٺ ڪرندڙ_ ڌڪجندڙ ڪرندڙ هڪ ئي رينگٽ......“

لڳي رهيو هو تہ وقلي رهيو آهي.

”پر سوچ ۽ سرت.....“

اوچتو گجگوڙ تي ۾ وڄ جو چمڪاٽ.

سسيفس، چرين وانگر ٻاڪاريندو رهيو:

”نہ _ نہ......

”مان انڪاري آهيان

”انڪار...

هن ڦٿڪي پاڻ ڇڏائڻ جي جاکوڙ ڪئي. پر ڇڙڪنيو جهل، سندس جسم وڏيڪ سوگهو ٿي ويو.

وڄ چمڪي ۾ زيوس جو آواز گجيو:

”هن باغيءَ کي ساڳي سزا ۾ جنبيو وڃي. جو انهيءَ کان وڌيڪ ٻي سخت سزا ٿي نٿي سگهي. جنهن ۾ هو لڳاتار ٿلهو پورهيو ڪري: پٿر کي مٿي جبل تي پوري سگهہ سان نيئي وڃي ۾ اهو زُمَر سان هيٺ ڪري، ۽ انهيءَ پورهئي جي پراپرت کان سڪٿو رهي.“

زيوس وري ڪڙڪيو:

”هيڊز! سسيفس جي مشغول هڪ ئي رينگٽ واري چڪر کي ايڏو تکو ڪيو وڃي، ايڏو تکو ڪيو وڃي، جو انهيءَ ۾ سوچ لاءِ ڪا وِٿي باقي نہ بچي.

”سندس سونجه جا سمورا ڳڙکڙا بند ٿي وڃن. حواس ٻي جان. جيئن هو پنهنجي دربلتائي انڪار مان موج ماڻي نہ سگهي ۽ سندس باغي سياءُ ناس ٿي وڃي. باقي سندس پيڙا جي سرت کي ارمان ۾ رودن سان جيئن جو تيئن رکيو وڃي؛ اهڙي ريت جو سندس پيڙا جي سرت ۾ ٻي وسيءَ جي جاڻ جي چڪتاڻ جي وٿي وڌيڪ پوائتي ٿئي، جنهن ۾ هو جسماني پورهئي سان گڏ، آتمڪ طور بہ لوئبو _ پوئبو رهي.“

سسيفس کي پاتال ڏانهن نيو پئي ويو. هو هارايل هو پوءِ بہ سوڀارو. وهيٽو هو پوءِ بہ اڏول. جڪڙيل هو پوءِ بہ سرڪش، نندڻيل هو پوءِ بہ هٺيلو.

پاتال ۾ گهرو سناٽو آهي. چوڌاري موت جا پاڇولا رڙهي رهيا آهن.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۾ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۾ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۾ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۾ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۾ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۾ شاعرن جي علم، هنر ۾ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۾ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۾ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي. اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books. sindhsalamat. com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book